# سویرا

۳-۴ ۱۹۸۲ء

Gul Hayat Institute

بسم الله الرحمن الرحيم

Gul Hayat Institute

قرآن ڪريم جون مقدس آيتون ۽ نبي ڪريم جون حديثون توهان جي ديني معلومات ۾ اضافي ۽ تبليغ لاءِ شايع ڪيون وڃن ٿيون. انهن جو احترام توهان جو فرض آهي. ان ڪري جن صفحن تي اهي آيتون هجن، تن کي صحيح اسلامي طريقي مطابق بي حرمتي کان محفوظ رکيو وڃي.

Gul Hayat Institute

"سنڌ آرڪائيوز" جي عمارت جي پيڙهه واري پٿر
رکڻ واري تقريب جي موقعي تي
(٢٨- آگسٽ ١٩٨٢ع)

**سنڌ جي گورنر ليفٽيننٽ جنرل ايس. ايم. عباسي**

جي خدمت ۾

**جناب جسٽس سيد غوث علي شاهه صاحب**

وزير تعليم، ثقافت، راندين ۽ قانون، حڪومت سنڌ

طرفان پيش ڪيل

# خطبهء استقباليه

بسم الله الرحمان الرحيم

عزت ماب گورنر سنڌ، معزز مهمان، خواتين و حضرات!

اسلام عليڪم:

"سنڌ آرڪائيوز" جي نئين عمارت جي پيڙهه واري پٿر رکڻ جي هن موقعي تي، توهان سڀني کي خوش آمديد چوندي آءٌ نهايت فخر ۽ مسرت محسوس ڪري رهيو آهيان. آءٌ خاص طرح سان ليفٽيننٽ جنرل جناب ايس. ايم. عباسي، گورنر سنڌ، جو نهايت شڪرگذار آهيان، جو هاڻ انهيءَ عمارت جي

پٿر رکڻ جي دعوت قبول فرمائي اٿن. حقيقت

تڪميل سندن ذاتي دلچسپي ۽

موصوف جي سرپرستي

ان قيمتي ۽ تاريخي رڪارڊ کي سائنسي طريقن سان ئي محفوظ ڪري سگهجي ٿو. انهيءَ ڪم لاءِ هڪ منظم ۽ فعال اداري جي ضرورت آهي، جتي انهيءَ رڪارڊ کي گڏ ڪري، جديد دؤر جي سائنسي طريقن مطابق سنڀالي سگهجي. ”سنڌ آرڪائيوز“ جي اداري اهڙن تاريخي مسودن ۽ دستاويزن جي ابتدائي فهرست ٺاهي ڇڏي آهي، جنهن جو تعلق سرڪاري شعبي سان آهي. ليڪن، اڃا تائين تمام گهڻو قيمتي مواد سنڌ جي پراڻن خاندانن وٽ نوادرات جي شڪل ۾ موجود آهي. لهذا، هن موقعي تي، آءٌ اهو ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان ته سنڌ جي قديم تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت متعلق جيڪو نادر مواد مختلف فردن ۽ خاندانن وٽ موجود آهي، اهو فقط انهن جوئي ذاتي سرمايو نه، پر قومي سرمايو پڻ آهي، ان ڪري ان کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ اپاءَ وٺڻ ضروري آهن. ورنه، ان ڳالهه جو پڪو امڪان آهي ته خاطرخواه نظرداري ۽ ضروري حفاظتي اپاءَ نه وٺڻ جي صورت ۾ اهو قيمتي تاريخي قومي سرمايو ضايع ٿي ويندو، ۽ اگر ائين ٿيو ته علمي ۽ تحقيقي لحاظ کان اهو هڪ قومي الميو هوندو. ان ڪري آءٌ هن موقعي تي عالي جناب گورنر صاحب جي توسط سان، اهڙن سڀني محترم فردن ۽ خاندانن کي اپيل ڪندس ته اهڙي قيمتي مواد جي حفاظت لاءِ مائڪرو فلمنگ ۽ ٻيا جديد طريقا اختيار ڪن، ۽ اگر پنهنجو علمي سرمايو حڪومت جي حوالي ڪرڻ تي آماده نه ٿين ته گهٽ ۾ گهٽ ”سنڌ آرڪائيوز“ ۾ ان جي داخلا ضرور ڪرائين.

آءٌ اها به تجويز ڏيندس ته حڪومت اهڙن واسطيدار فردن جي لاءِ ريفريشر ڪورس منعقد ڪري، جيئن انهن کي دستاويزن کي محفوظ رکڻ جي جديد ٽيڪنڪ کان آگاهه ڪري سگهجي ۽ ان ڏس ۾ جن ڪيميائي ۽ ٻين شين جي ضرورت پوي ٿي، سي انهن کي وقتاً فوقتاً فراهم ڪيون وڃن. ان طرح سان اهو رڪارڊ، جنهن جو تعلق سرڪاري شعبي سان آهي، ۽ جيڪو مختلف ضلعي ۽ تعلقي هيڊڪوارٽرن ۾ ناگفته به حالت ۾ پيو آهي، تنهن کي ”سنڌ آرڪائيوز“ ۾ منتقل ڪرڻ جي لاءِ فوري قدم کڻڻ جي ضرورت آهي، جيئن اهڙو سمورو رڪارڊ باقاعده طريقي سان محفوظ ڪري سگهجي.

جناب گورنر صاحب!

Gul Hayat Institute

— جهڙيءَ طرح قومي سطح تي هڪ صلاحڪار ڪائونسل قائم ٿيل آهي، ان طرح صوبائي سطح تي پڻ هڪ صلاحڪار ڪائونسل قائم ڪئي وڃي، جيڪا تاريخ جي ماهرن، آرڪائيوز جي ڄاڻن ۽ ٻين عالمن تي مشتمل هجي.

پنهنجي تقرير جي خاتمي تي، آءٌ هڪ دفعو وري به انهن سمورن معزز مهمانن جو شڪريو ادا ڪريان ٿو، جن هن تقريب ۾ شرڪت جي زحمت ورتي آهي. آءٌ پنهنجي کاتي جي تمام متعلق آفيسرن ۽ عملدارن جي محنت ۽ جدوجهد کي پڻ خراج تحسين پيش ڪريان ٿو، ۽ سڀني کان وڌيڪ آءٌ جناب گورنر صاحب موصوف جو ممنون آهيان، جو هُن صاحب هن تقريب ۾ شرڪت ڪئي ۽ ان عمارت جي پيڙهه جو پٿر رکڻ جي دعوت قبول فرمائي.

خدا، اسان جي ڪوشش ۾ برڪت ۽ ڪاميابي عطا ڪري. آمين.

[اردوءَ تان ترجمو]



Gul Hayat Institute

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ۳۱] [نمبر ۳-۴

جولاءِ — ڊسمبر

۱۹۸۲ع

ايڊيٽر انچارج

نفيس احمد شيخ

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو — حيدرآباد سنڌ

# مهراڻ


سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس ڄامشورو، سنڌ.

مهراڻ 23888/6
هيڊ آفيس 71176
پريس 24264

ملڻ جو هنڌ
سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال
سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس، ڄامشورو
(پوسٽ باڪس نمبر 12، حيدرآباد سنڌ)
۽
سنڌ جا سمورا نامور ڪتب فروش


Gul Hayat Institute

قيمت : 00_15 رپيا

ساليانو چندو 00_30 رپيا


Printed by Ghulam Rabbani A. Agro, Secretary Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press, Tilak Incline, Hyderabad, Sind, and Published by him from Board's office, Sind University New Campus Jamshoro.

## ۲- ڪهاڻيون


۱. ٿڌين دليا — امر جليل ۵۳
۲. ڳالهه وڃي وسري — انيس انصاري ۶۲
۳. وڃايل راهون — ملڪ آڪاش ۶۵
۴. لاش جي ڊوڙ — واجد ۷۷
۵. ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه — محمود مغل ۸۳
۶. آڪهه سوڙهو گهر — روشن علي ٿيٻو ۹۵
۷. ڪي ڏور ۽ اوڏا سپرين — ڪوثر ميمڻ ۱۰۶
۸. ديسي سيڻ ڪڄن — رضيه ڪوڪر ۱۱۲
۹. آئيڊيل — نسرين جوڻيجو ۱۱۵
۱۰. جي مارڪيٽ منجهه مٺا — ذرينڪ رابنسن
سنڌيڪار: شمس الدين عرساڻي ۱۱۷
۱۱. ڪڏهن ڪرندي ڪاڪ — غلام رسول پرهياڙ ۱۲۶
۱۲. سڀ له هجي ته... — سروج ترويدي
سنڌيڪار: ولي رام ولڀ ۱۲۲


## ۳- مقالا


۱. سنڌ جو عطار — حضرت آشڪار — علامه غلام مصطفيٰ قاسمي ۱۳۹
۲. ترڪيءَ جو قديم تاريخي قبرستان — قريشي حامد علي خانائي ۱۴۵
۳. سنڌي ديني عالم — پروفيسر مريم سلطانه لوهاڻي ۱۶۵
۴. ريڊيو ڊراما — مراد علي مرزا ۱۷۰
۵. ادبي اهڃاڻ — ڊاڪٽر نواز علي شوق ۱۸۲
۶. فلسطيني شاعر محمود درويش — ولي رام ولڀ ۱۹۴
۷. سنڌي غزل — ڊاڪٽر اياز قادري ۲۰۶
۸. هيوسانگ جو برصغير ۾ سير سفر — ابراهيم خشڪ ۲۱۲
— ادبي خبرنامو
ڊاڪٽر اليمري شمل جي حيدرآباد ۾ اچڻ — نفيس احمد شيخ ۲۲۰


Gul Hayat Institute

# شاعري

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

## مخدوم محمد زمان طالب المولا

# ڪافي

(روپ پيروين — تار دادرو)

او منهنجي پيار وارا!
او منهنجي پيار وارا!

مون ڏي سڄڻ نهاريئي، پهرين نظر سان ماريئي، جڻ مئي جو جام پياريئي،
اول ٻري ٻهاريئي، ڳڻتين ۾ خوب ڳاريئي، هو دل اندر وهاريئي،
۽ قرب ۾ قراريئي، مٺا سڄڻ سچارا،
او منهنجي پيار وارا!

توتي نظر جا پيئي، دلڙي هٿن سان ويئي، گذري وڃا ڏينهن ڪيئي،
چاهيم تہ پاڻ ليئي، توکي اکيان سان ڏيئي، ڳالهيون ڳجهيون سڀيئي،
پوريون ٿيون مڙيئي، محبوب سن موچارا،
او منهنجي پيار وارا!

اي دل جا يار جاني! منٺار سهڻا ٿاني! دل درد ڪئي ديواني،
هي نينهن جي نشاني، ڪئي قرب ڪامراني! ورتي ئي جا ميهماني،
ڪر ڪين بدگماني، منهنجي اکين جا تارا!
او منهنجي پيار وارا!

مٺا! هجين سلامت، تنهنجي ڪيم اطاعت، ٿيو عشق ئي عبادت،
هي قرب جي ڪرامت، محڪم رهي محبت، جا تو ڪئي عنايت،
سو تنهنجو شان شوڪت، اي جاني جي جيارا!
او منهنجي پيار وارا!

اڄ يار عيد آهي، ڏاڍي سعيد آهي، محبت! مزيد آهي،
شوقئون شديد آهي، حاصل ٿي ديد آهي، هڪ خوش نويد آهي،
قربي ڪليد آهي، طالب جي دل جا دارا!
او منهنجي پيار وارا!

## ڪافي

(روپ تلنگ — ٽيڪو تين تال)

عشق تہ لا مذهب،
پوءِ بہ رهي ٿو هر مذهب ۾.

ڪوڙ ڏڪوئي ڪنهن جي دل کي، ڪوڙ ڪري ڪو غضب.

شاهن تي بہ ٿو حڪم هلائي، عالي اٿس منصب.

حنفي مالڪي حنبلي وغيره، هر ڪو ڪائي عجب.

طالبؔ مولا عشق سيکاري، اعليٰ، خوب ادب.

## ڪافي

(روپ ڪنيات — تار ڪلواڙو)

تنهنجيءَ لڪن جي لوڏ،
هر هر ماريو مشتاقن کي.

ڀڪالن جيءَ جانب جيءَ ڪان، ڀڳڙ تنهنجا ڀوڏ.

لاڪيڻا ڪو لطف ڪجائين، اسين سنڌ ۾ چڻ اوڏ.

دم دم دلبر موهيو موهين، تنهنجا لاڏ ۽ ڪوڏ.

طالب مولا وٽ لہ اچڻ جي، حاڪم ڇڏ تون هوڏ.

Gul Hayat Institute

## تنوير عباسي

هونءَ ته جلوَن جي ٿو هردم جوت جلائي آئينو،
پنهنجي ليکي هڪڙو پي ڪيرڻو ته آهائي آئينو.

سيني حسينن جي اکين سان اکيون ملائي آئينو،
جي هو شرمائن ٿا، خود پي ٿو شرمائي آئينو.

هر ڪنهن جي اوگهڙ کي ٿو هو ان جي آڏو پيش ڪري،
سڀ ڪجهه اکيان آڏي رکي ٿو، ڪجهه نه لڪائي آئينو.

ميڪ اپ وقت ٿو رنگ روپ جو جادو لائي آئينو،
رات جو اوندهه ۾ ٿو انڌن جان ڀٽائي آئينو.

ڳالهائڻ واري جي آڏو هردم هي آهي ڳونگو،
چپ پي چوري ٿو، پر ڪين سگهي ڳالهائي آئينو.

شيش محل ۾ هڪ ڏيئي سان جڳ مڳ لائي آئينو،
چمڪڻ واريءَ شيءِ کي تيئن ئي وڌ چمڪائي آئينو.

●

نه ڪي پيءَ مون وٽ نه ڪي آهتون،
رڳو پيار ۽ پيار جون ساعتون.

رهياسون سڄي عمر معصوم ته به،
اسان تي لڳيون عشق جون تهمتون.

نه ڪي صورتون ۽ نه ڪي مورتون،
نه ڪي خلوتون ۽ نه ڪي جلوتون.

اسان طورسينا اکين ۾ رکيو،
نگاهن کي پيون ڪي ڏيو دعوتون.

اوهان چپ ڪري دل ۾ ويهي رهيؤ،
۽ در هنڌ اوهان کي سڏيندا وتون.

اسان جي محبت جي آڏو ڪڏهن،
نه رهنديون آهي نفرتون نفرتون.
۽ مالجهالن ڏڙن جان سندم قامتون.

Gul Hayat Institute

بردو سنڌي

## گيت

منهنجي روح جا راڻا، مون وٽ رات رهي وڃ.
مون وٽ رات رهي وڃ، سائين! منهنجي سار لهي وڃ.

لڇندي ڪسندي رات گذاريان،
تنهنجي راهه ۾ اکيون ٻاريان،
آس جا ديپ اجهاڻا، مون وٽ رات رهي وڃ.

وهندي ويندي ڪُرڪيون ڪولڃون،
ويتر وڌ ٿيون منَ ۾ مولڇون،
ڪورا ڪنول ڪُماڻا، مون وٽ رات رهي وڃ.

ڏسڳ ڏکن جا جيءُ جلائن،
اکيون ساوڻ وانگ وسائن،
لاڪا، لڙڪن داڻا، مون وٽ رات رهي وڃ.

هجر جا هاڃا، سوز سوايا،
چُلڪيا سي مون ساندَ ۾ پايا،
درد لـ دل ۾ ماڻا، مون وٽ رات رهي وڃ.

تنهنجون ڄايون جيءَ ۾ جالي،
سالـيڪـر سمجهي لينهن لشالي،
هنڌ اجهي تو هاڻا، مون وٽ رات رهي وڃ.

چاهه جي چيڙهي ڳنڍ نه کلندي،
قرب جي ڪاڪ ڪُهر ڪان ڇُلندي،
پڇندا لاڪ ۾ ڏاڻا، مون وٽ رات رهي وڃ.

مون وٽ ڏانءُ نه ڏاهپ 'بردا'،
ريت پريت، رسامون آ ڇا؟
آءٌ غريب، نه ڇاڻا، مون وٽ رات رهي وڃ.

**شبير هاتف**

## غزل

مون کي ملندو مـژدهٔ صبحِ بهاران عنقريب،
بام تي ايندو سڄڻ سائين خرامان عنقريب.

ايندو ايندو غيرتِ چشمِ غزالان عنقريب،
رشڪِ صحرا آه دل، ٿيندي گلستان عنقريب.

چيلهه تي چوڙي ڇڏيندو زلفِ پيچان عنقريب
منهنجي بربادي جو پيدا ٿيندو سامان عنقريب.

هو بضد آهي ته گهر پاري ڪبي ڏياري ضرور،
روشنيون ٿينديون سڀ بختن لئه ارزان عنقريب.

خار و خس کي جن ڪيو ريحان و سوسن جو بدل،
سي سڏائيندا هتي جانِ بهاران عنقريب.

جي نگاهِ ناز جون هي فتنه ساماليون رهيون،
پاڻ کان ويندا ڇڏائي امن و ايمان عنقريب.

منهنجا سالڪيڙا وري پيا سالڪ جو ساٿيا هو ڪن،
آڳمين اکين ۾ اٿندا ڪيئي طوفان عنقريب.

جن جي جلوي ساڻ ٻهڪي ٿو جهانِ رنگ و نور،
دل جي خس خالي ۾ شايد ٿيندا مهمان عنقريب.

حسن وارن ۾ اسان جي حوصلن جي هاڪ آ،
قتلِ گاهِ عشق ۾ ٿينداسون قربان عنقريب.

عشق جا بيمار آهن اهڙي منزل تي رسيا،
درد دل ئي درد دل جو ٿيندو درمان عنقريب.

"هاتف خسته ٿو چورائي حسينن جون دليون"
شاعري ۾ هي به هڪڙو ٿيندو عنوان عنقريب.

عنايت بلوچ

# ڪافي

اڄ ڪيچ ۾ برسات پئي،
وھ واھ وسڪارا ڪري!
ٻَر ڪيئن ڪيان، قسمت ڪيا،
پيارا پرين، مون ڪان پري.

چو سڪ ڏلي دل کي چڪي،
اڄ چاڪ دل جا ٻيا ڇڪي،
روئان رڙان لوڪان لڪي،
ساعت نہ سڄڻ ريءَ سري.

ٻولڊون وسن، پنڇيون پڄن،
اکڙيون ٽيمن، ڳوڙھا ڳڙن،
دھڙيون سڪن، راھون ڏسن،
سالي سنڀاري دل ڳري.

چنڊ ٻيا جھڄن، ٻالھون کڄن،
آھون الن، ٻاھون ٻرن،
وارا وَرن، ميلا مچن،
آھيان اميد آسري.

مولجھون رھان، جھوري جڄھان،
ڪاڏي وڃان، ڪنھن کي چوان،
پيارا پسان، سرھو ٿيان،
سارون سلان، ٻاڪر ٻري!



Gul Hayat Institute

## ڏاجل "بيوس"

### وائي

لکين سج لهي وڃي، ڪيڙهن ڪارو
آيل! الڳ نہ ڏڪيو!

جوڳي چند فراق جا، آهن اڏارو
آيل! الڳ نہ ڏڪيو!

آءُ به هڪ اماڻتي، ساوڻ سيارو
آيل! الڳ نہ ڏڪيو!

سڙهه ڏلا سون سامهان ڏرهندي ڏارو
آيل! الڳ نہ ڏڪيو!

## احمد خان "آصف"

### غزل

عقل و خرد ڪان بس اڙي عاقل ڪئي اٿئون،
عشقِ حبيب ۾ تہ ڇري دل ڪئي اٿئون.

سچ اچ تہ قيد هن ڪان رهائي اتا گهرون،
دل دامِ زلف سان ڪئي شامل ڪئي اٿئون.

جنهن ڏينهن ڪان ڏٺو سين سندءِ رخ اي ماهرخ،
انهنجي نظر نہ چنڊ ڏي مائل ڪئي اٿئون.

هن سنگدل کي دل سان اسان دل ڏني ڇڏي،
طوفان سان شمع مقابل ڪئي اٿئون.

مجنون جو من مثال جهان کي وري ملي،
صحرا ۾ ٿنهنڪري وڃي منزل ڪئي اٿئون.

دل کي دلاسا ڏيئي اسان دل جهلائي آه،
مس مس سان ڪنهن جي پيار جي قابل ڪئي اٿئون.

چرخ ڪهن جي ڪجروي جو ڪوہ ڏک ڏئي آه،
دلگير ٿاهون پاڻ وڏي دل ڪئي اٿئون.

حسن و جمال من کو وفا جو اکر سکي،
آصف! اهيل عشق جي داخل ڪئي اٿئون.

Gul Hayat Institute

## محبوب سروري

# غزل

سچ! منهنجي چپن ساڻ شب و روز لڳل آ،
يا جام شراب آهه يا معشوق جو گل آ.

منتر لکو جنتر لکو جادو يا رمل آ،
مهڻن جو سدا منهنجي اکيان ميڙو متل آ.

هر وقت حسينن جي ساڻ جهرمٽ ۾ رهان ٿو،
هي پاڪ نظر، پاڪ محبت جو عمل آ.

هر شيءِ کي ڏسي ليٺ نظر ٽڪجي پوي ٿي،
جنهن ڪان نه نظر ٽڪجي سو معشوق جو گل آ.

قاتل به وڏي سوچ ۾ ويو ڪم ٿي کهڻي دير،
هڻن منهنجي هٿن تي جو ڏٺي ميندي لڳل آ.

هر قسم جو ميوو ته پچڻ بعد ڪينو ٿئي،
هر وقت سنو جو رهي سو پيار جو ڦل آ.

ڇا عشق فقط آهه شهنشاهه جو ميراث؟
ڇا پيار جو اهڃاڻ فقط تاج محل آ؟

ڪعبي کي ڇمي آيون سڄڻ سائينءَ جون اکيون،
ساٿهن جو خيال آ ته پرينءَ پاتو ڪجل آ!

ديوار جي هڻن پاسي ڇپيو پردهءِ نشين،
محبوب جو هي خوب! غضب جهڙو غزل آ!!

# ا. ح. جئسنگهاڻي "سام"

## غزل

ديد تنهنجي جي تلاش آهي سندم فڪرات ۾،
ياد جا تارا ٽڙن ٿا غم جي ڪاري رات ۾.

تنهنجي ٿي هرهڪ ادا طوفان بڻي مون لئه اچي،
آس آ طوفان بدلجي من ۾ وئي برسات ۾.

هر قدم تي هر سهارو ٿو بڻي ڪربل ٿوي،
راز تنهنجو ڪو لڪي آ قرب تنهنجي ڪات ۾.

سپ لٿي تن من ڦٽي ٻي واهه ۽ بيوس ڪري،
ٻو طرف ٻنهنجي چڪين ٿو واڳ ڏيني وات ۾.

من کي گهيري ٿو جڏهن ڪو خام خوشين جو فريب،
غم ڏئي پختو ڪرين دل کي تڏهن هر بات ۾.

ڏينهن ڏوريان ۽ پتوڙيان پاڻ ڪوشش ۾ گهڻو،
تون ملين دليا جڏهن چپ ٿي وڃي اڌ رات ۾.

عقل مقصد کان پري آسُن جي رڃ ۾ ٿو ٿري،
غور غم سان 'سام' کي ڏين سڪ گڏي ٿون ڳيات ۾.

# آثم ناٿن شاهي

## غزل

ڏوڙ ٻرابر سارو ڏَنُ،
ماڪ جهڙو تُنهنجو مَنُ.

چوڙ ٻ تُنهنجو ڪاٻ جوالي،
سُولهن ٻ ڪالي تُنهنجو سَنُ،

تُنهنجي آڏو منهنجي هستي،
آلـڌيءَ ۾ جيئن آڏري ٻَنُ

منهنجو ساهه سڄڻ تون آهين،
توريءَ منهنجو سڪڻو تَنُ.

اهڙو منهنجو ڀاڳُ ڪٿي آ؟؟
جهڙو تُنهنجو آ چوڻُ!

ڪنهن جي سوچ سَرلُهن جو داڻو،
ڪنهن جو 'آثم' الڪَتُ فَنُ.

Gul Hayat Institute

**وفا ناڏن شاهي**

## غزل

اوڀاريون، لهواريون اهن،
ڦرئيون ڪرئيون ٻاريون آهن.

اڇيون آهن، ڪاريون آهن،    سڀ پالا تلواريون آهن،
هن گهر ۾ دروازو ڪوهي،    هر پاسي ديواريون آهن.
تنهنجون نظرون، تنهنجون مرڪون،    سڀ دل جون بيماريون آهن.
پنهنجو پاڻ ۾ وس ۾ ناهي،    اهڙيون خود مختياريون آهن.
لاڀاري جي منڊ اڇي وئي،    سٽ ڪٽ آهي، ساريون آهن.

**ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ**

## وائي

جيڪو آيو سور ڏئي ويو،
ٻل ٻل ۾ هڪ ٻور ڏئي ويو.

ڪورا هئاسين، ڇورا هئاسين،    اينهن سنڌو ڪو لور ڏئي ويو،
ٻل ٻل ۾ هڪ ٻور ڏئي ويو.

من ڪي نوڙي موڙي ڪولي،    محبت جو هي سور ڏئي ويو.
ٻل ٻل ۾ هڪ ٻور ڏئي ويو.

من ٻريائي چاڪ چڪائي،    دلڙي چوران چور ڏئي ويو.
ٻل ٻل ۾ هڪ ٻور ڏئي ويو.

دل جي دارونءَ ٻهران ڪوئي،    ڪهڙو هي ڪافور ڏئي ويو.
ٻل ٻل ۾ هڪ ٻور ڏئي ويو.

هنجهون هاري ڪوئي روئي،    محبت جو سڏ ڪور ڏئي ويو.
ٻل ٻل ۾ هڪ ٻور ڏئي ويو.

ٻرت سنڌو ڪو پيالو پياري،    سنڙو هي مخمور ڏئي ويو.
ٻل ٻل ۾ هڪ ٻور ڏئي ويو.

انيس انصاري

## ڪلارڪ

بانس جي لڪڙين جو ٺهيل هڪ ماڻهو
خون جنهن ۾ ذرو به ناهي
شام جو پنهنجي اڄيو دفتر مان
لور نچوئي ڪاغذ لاهي.

ڦيڦڙين بوش پيرين اگهاڙي ٻچڙي
پيءُ کي موڙ تان ايندي جو ڏٺو
ڊوڙندي ڊوڙندي وچي ماءُ کي هن ڳالهه ڪئي
ٻوٽ منهنجو لڻون بابا آ آندو شايد
ڳنڍ هڪ بابا جي هٿن ۾ آهي.

چڱو ڀيل چڱوسيل هو ڪمند جو ڇوڏو
رس نه رهي جنهن ۾ ڪا حلاوت باقي
ايتري خالي ۽ انگ اگهاڙي عورت
خود انسانيت کي شرم جنهن تي آهي
سرڪندي هٿ کي چيو ٻوٽ نه آهي ٻچڙا
ان ڳنڍ ۾ بک دور ڪرڻ جو سامان آهي
ڪجهه اٽو ۽ چانور ٿورا.

۽ هو فاقڪش زرد رو انسان
انسانيت به جنهن کان وڌيڪ ويجهي
جنهن جي صحيح وصف ڪلارڪ آهي
ڳنڍ کي کوليو اچي پنهنجي گهر ۾
هن کي اڄا ڪجهه ڪم ڪرڻو آهي.

Gul Hayat Institute

رشيد "ارشد"

## غزل

رهبرن جو قافلو!
گمرهن جو قافلو!

ٻي رُخيءَ سان وڌي دوستن جو قافلو!
ڪو ڀلاءِ ويو ڪٿي، لکڻين جو قافلو؟
تيز تر هر هر قدم اهلِ فن جو قافلو!
رهزن جي هٿ لڳو رهروَنَ جو قافلو!
سوجهري ۾ ڇا ڪندو! ظُلمتن جو قافلو!
هر بشر پنهنجي جڳهه عظمتن جو قافلو!
ڪهڪشان در ڪهڪشان شاعرن جو قافلو!
غربتِ شامِ وطن! بي ڪسن جو قافلو
ڏمريل ٿو ڀانئجي مَي ڪشن جو قافلو!
هاءِ! 'ارشد' جي ڀنان
علم و فن جو قافلو!

عاجز آچڙ

## وائي

جيئڙو ڪيئن لڳ جلي،
ڏيرن مُنيءَ سان ڏاڍَ ڪئي.
ڀينڍيون جنهن کي پيار جون، سا ڪيئن پاڻ ڀلي،
آڏو اڀرن جي، چارو ڪول چلي،
ڪين لپائون لال مون، گهيلي ساڻ ڳلي،
ڏينهن ٿتي ٿڙڪول ۾، ڏولڪر پئر چلي،
'عاجز' ڳالهيون ڳجهه جون، ساجن ريءَ نه سلي،
ڏيرن مُنيءَ سان ڏاڍَ ڪئي.

احمد خان "مدهوش"

## غزل

جا جدائي جي گهڙي آهي سڄڻ،
سا گهڙي گويا صدي آهي سڄڻ!

هيءَ رواجي آشنائي ڪين آ، هيءَ ازل جي دوستي آهي سڄڻ.
تون نه تون پر مان ۾ تون، باقي اڃا، درميان ڇاجي وٿي آهي سڄڻ.
حسن آڏو عشق کي سجدو ڪرڻ، هر طرح سان لازمي آهي سڄڻ.
هان، هزارين حسن وارا ٿا وتن، تنهنجي ليڪن ڳالهه ٻي آهي سڄڻ.
دالا دالا ٿي ديوانا ٿي پيا، هڪ ۾ منهنجي دل چري آهي سڄڻ.
اڄ سپيان جي آسري تاري ۾ ڇڏ، آرزو ٿي ٿورڙي آهي سڄڻ.
ليڙون ليڙون دل جي دامن کي ڪري، دل ۾ ڪنهن جي ماڀي آهي سڄڻ.
تو وفائون پئي ڪيون مون ڪانه پي، ڪا شڪايت ڪين ٿيي آهي سڄڻ.
جي اياڻ جي ۾ هولدي آ نه مور، هيئن ۾ دل هيرڪائبي آهي سڄڻ.
هوش ۾ مدهوش واپس ڪيئن اچي! ڇوٽ ڪاپاري لڳي آهي سڄڻ!

آدل سومرو

## وائي

ڏينهن ڀانئن ليٿا،
اڪ اوندهه ۾ اٽڪائي،
لاٽ نه وسمي آهي.

وات ۾ پئي طوفان وڃا،
ڪڪ ٻن ڪي ڳيڙڪائي،
لاٽ نه وسمي آهي.

ڪاري رات جي ڪامڻي،
چيرين ڪسي ڇڪائي،
لاٽ نه وسمي آهي.

مايوسين جي ويرانين ۾،
روح نه ڪو پڪائي،
لاٽ نه وسمي آهي.

Gul Hayat Institute

## اياز گل

# آداس پل جو هڪ وعدو

مان پنهنجو پاڻ سان
اهڙو ڪيان ٿو وعدو آجُ
تہ تنهنجي نيڻن جي لاتي لہ
آئنده جيئبو
لہ مرڪندو ڪڏهن هاڻي
تنهنجو ناءُ وٺي
لہ تنهنجي راهگذارن تان گذربو هاڻي
جي گذربو بہ تہ ڪنڌ هيٺ ۽ جهڪيل اکيون
لہ تنهنجو خيالُ لہ جذبن جي ڪائي
ڪيتڪائي
لہ جاڳڻ ۽ لہ وري ڪا اکين ۾ لالائي
جي ذڪرُ آيو ڪٿي، تنهنجو ڪنهن بہ
محفل ۾
تہ اهڙو ڏيکُ ڏبو، ڄڻ لہ ڪا شناسائي
آڪيلو ڪمري ۾ ويهي ۽ توکي ياد ڪري
لہ غزل لکبو لہ ڪو، شعرُ تنهنجي ناءِ ڪبو
جي دل ڪمري ڪنهن پڇيو
دوستَ تنهنجي باري ۾
تہ تنهڪَ ڏيئي وڏو، چئبو:
"ڪُوڙ هو سڀ ڪجهہ
مڙيئي دل پئي واهرائي سڀ
پرڻي ڏينهڙا،
آمان ۽ پيارُ!!
ڪو ڪوڙو لڳي ٿو دوستَ پلا!؟"
لہ تنهنجو ماٿُ لہ آڻتُ، لہ هالوَ تي چنڊ و
تہ پوءِ روزُ دکن جا صليبَ چو ڪڍجن؟
چو روزُ مرجي ۽
چو روزُ رولجن موتيي
جي جيتَ ناهي امان جي تہ مات چاجي لاءِ
دکهو سفر ۽ آداسيءَ جي رات چاجي لاءِ؟
سدا آڪيلو رهان
سو چڱو آهي اڳيا
مان پنهنجو پاڻ سان اهڙو
ڪيان ٿو وعدو آجُ
تہ هاڻي ڪنهن سان بہ پيلجي
ڪڏهن لہ پيارُ ڪبو.

Gul Hayat Institute

## مختيار ملڪ

### غزل

توکان ڪيڏو ڏور ٿياسي،
صحرائن ۾ چور ٿياسي.

ٿهندا ڀڄندا رهندا آهيون، ياروا! ڇڻ ڪو ٻور ٿياسي،
ڦيد ۾ چائون، پيد ۾ چائون، ڏاڍي لئه ٻر سور ٿياسي.
ڳالهه امان جا اوچا اوچا، امان ٻه اڄ منصور ٿياسي.

لڙجون پيو ٿا، چپ پيو آهيون،
ايڏو اڄ مجبور ٿياسي.

## زيب سنڌي

### آزاد نظم

( ١ )

ڪاش
وري ڪو
اهڙو واءُ
جو تون ۽ مان
وري ملون
۽ هجي اهو
اهڙو واءُ
جو تون ۽ مان
وري ڪڏهن
جدا نه ٿيون.

( ٢ )

هيتري ڏينهن جي
وڇوڙي کان پوءِ
اڄ اوچتو رستي تي
ملي آهين ته اچين ٿي:
”ڇا تو ڪرين اڄڪلهه؟“
سچ ته اڄا به نه بدلي آن
ساڳي پراڻي طبيعت اٿئي!
مان پلا توکي
ياد ڪرڻ کان سواءِ
پيو ڪري ئي ڇا ٿو سگهان!؟



Gul Hayat Institute

## واجد

### غزل

ٻَڪ ٻَڪ آهن ٻُور اوهان جا،
ساٿي آهن سور اوهان جا.

رَڪ ٿو پاسي جڳ سمورو، ڪاڏي وڃن مجبور اوهان جا.
سڀ سان سُهمت، مون سان رنجش، هي ڪهڙا دستور اوهان جا.
سان ڀَل جاڙ گذاريان جيوت، نيڻ رهن مخمور اوهان جا.
آءٌ ڇا ڄاڻان سهڻا سائين! راز سڙئي درءور اوهان جا.
رُئندي ڪلندي واجد ويٺو، ڳڻ ٿو ڳائي هور اوهان جا.

منهنجي خاڪ بسر جيون تي،
ٿورا هين پرءور اوهان جا.

## ج. ع. منگهاڻي

### ريڊگا

اهڙا رنگ رچايا سينهن،
آس اجائي جرڪي ٻيٺي،
ريءَ سندن جي ڪيپا اينهن –
سوچ سموري ٻرڪي ٻيٺي،
چني سر تان سرڪي ايٺي.

پنهنجو ڀاڻ وڃاڻ مان ڳولڻ!
چري چوان دو سارو جڳ،
ڪاڻ وڃان ٿي ڀاڻ کي رولڻ –
ڀاڻ سڃاڻي ڪنڌس ڀڳ،
ڀَڳ ڀڳ هيٺيان منزل ڏڳ.

آئي رنگ رنگيلي ريکا،
سرڪي جرڪي آتيا لوڻ،
ٻن لڏن جا ڪهڙا ليکا –
ڀاڻ ئي سڄڻ ڀاڻ ئي سيڻ،
جاليا وچ ڪتورا ڏيڻ.

## مريم مجيدي

### غزل

اسان تہ پيار وهندا آهيون،
ورہ ولڏائڻ آيا آهيون.

ريت رها مان مور نہ ڇاڻون، صاف سچا آئينا آهيون،

ڪلهہ ٿي سوچون سوري چڙهيون، سونهن ۾ اڄ سوگها آهيون،

ويساهن جا وانهڙو ٿي، اوسيئڙن سان اڪتا آهيون.

ڏلگ سهي ٿا مرڪ ڏيون ٿا، ڪارونجهر جي ڪايا آهيون،

سولهن اسين هن ڌرتي جي ڪي، آڀ جا چنڊ نہ تارا آهيون.

اڄ ۽ رڃ جو ساٿ سدا جيئن، اهڙا اڻ تٽ ناتا آهيون.

ڪنڊن واڙي تي ڪا گهاٽي، گولاڙن جي ڇايا آهيون.

## نور شاهين

### رباعيون

ڪي عشق جي راهن جا اشارا تہ ملن،
منزل تي رسڻ مون تي، سهارا تہ ملن،
دردن جا سفينا ٿي هجن ڇو نہ ڪٽي،
گرداب سهي، ڪنهن جا ڪنارا تہ ملن!

ڪجهہ عشق و وفا ساڻ اگر جڙجان مان،
ڪنهن سوز جي سالڇي ۾ اگر ڪهڙجان مان،
هڪ پل لاءِ ٻيهي منهنجي مقابل دليا،
ڪجهہ پيار ڪرڻ ڪاڻ اگر اڙجان مان.

Gul Hayat Institute

## غلام حسين رنگريز

### غزل

هلڻي هوتَ ناهيا تہ چارن تي ملبو،
عجب عشق وارن نظارن تي ملبو.

زبان سان نہ ظاهر ٿيو راز دل جو، تہ ٻو سينئہ سڙيل اشارن تي ملبو.
ڪُنڊي وارَ ڪيلي، ڪري چاڪ اچان، وڏي شوق ڪينجهر ڪنارن تي ملبو.
جڏهن چت چيري ڪندي ڪُوڪ ڪوئل، چڙي سنگ سيا ها انگارن تي ملبو.
نہ ڪهڙاءِ ٻَن چڻ جي ٿيندي پرچاڻي، ٻَسي گلَ گلاڙها بهارن تي ملبو.
ٿلاريو نہ جي ڦوڪ، موتيو نہ مهڪيو، تہ لاڻن لئين ۽ لئيارن تي ملبو.
نہ ڪا ميلڪ مارُئن نہ ڪا سيج سُرهي، ڪري پالهن وهاڻو ٻو خارن تي ملبو.
اڃان تيل آهي چراغن ۾ باقي، جهڪي جوت جي ٻي سهارن تي ملبو.

ڪُڇن ڪين 'رنگريز' پاڻئين ايو سين،
مٽي مات جي ٿي مزارن تي ملبو،

## منير سولنگي

### غزل

ڏينهن ڀولڻ تو وڃي لاتا گهڻا،
ٿا ستائن دل کي انديشا گهڻا.

اڄ سکيو ساجن تہ ٿئي ٻهرين شوال، سون رکيا رمضان جا روزا گهڻا،
ڪيترا ئي عشق کان عاري ڏٺم، هر قدم تي ڪاغذي چهرا گهڻا.
ڀنگڙيون هيري سندو ڪاڻن جگر، ڪَنِ ائي پٿر ڪي ٿا شيشا گهڻا.
ٿو وهايان ياد تنهنجيءَ ۾ سڄڻ، رات جي هر سانت ۾ ڳوڙها گهڻا.

حالِ دل توکي ٻڌايان ڇا 'منير'،
تنهنجي محفل ۾ ڏٺم ويڇا گهڻا.

مقصود گل

## گيت

ٻرڪا ٻرسي، تن ٽو ترسي، تو لئہ من ٿو تاڻي يار،
آءُ هليو تون هاڻي يار.

راتيان روئان، منهن کي ڌوئان، پورل آ تون پاڻي يار،
آءُ هليو تون هاڻي يار.

ٿڏڙيون هيرون، ڏين ٿيون جهيرون، چوماسو ڏي دل کي چير،
ٻولد وجهي ٿي لوڻ ڦٽن تي، هر هر ڏاڍي ڏئي ٿي هير،
پلپل پچران ڪاماڻ ويٺي، گهايو گهورن گهاڻي يار،
آءُ هليو تون هاڻي يار.

هيڪل هينئڙو توکي ساري، ساجن واڪ ورائي آءُ،
تو ريءَ منڙا مينگهہ ملهاريون ڪين ڏين ٿيون سهڻل ساءُ،
واجهايان ٿي واٽون ويٺي مالڪ توکي آڻي يار،
آءُ هليو تون هاڻي يار.

ڪاريون راتيون، بادل ڪڙڪن، ڪيهر شينهن گجي ٿو مور،
تو ريءَ منهنجي من جا مارو منهنجو هاڻ ڇڄي ٿو مور،
پول ٻڌي وئين، واهہ وڻي وئين، مارو تنهن جي ماڻي يار،
آءُ هليو تون هاڻي يار.

ڪنوئيون ڪجڪن، ٺهڪن ٺمڪن، تو لئہ راهہ نهارن ليڙ،
لاٽ ڏياٽيون، وات سندءِ ٿا، ويچارا ٻيا ٻارن ليڙ،
منڙا مون کي وارن ٻنهنجن ساڻ وٺين تون واڻي يار،
آءُ هليو تون هاڻي يار.

بلبل گل کان دور رهي ٿو، منهنجي دل مجبور رهي ٿو،
گهايل گهايل منڙو منهنجو سهڻا هيڏا سور سهي ٿو،
موٽي آءُ اڱڻ تي منهنجي سهڻا ٻاڻ سڃاڻي يار،
آءُ هليو تون هاڻي يار.

مختار گھمرو

# وائي

منهن لـ اسان کان موڙ او منٺڙا،
منهن لـ اسان کان موڙ.

دل جو گهر آ خوب سجايو، محب مهارون موڙ او منٺڙا،
منهن لـ اسان کان موڙ.

من سندر ۾ منهنجا سائين، خيما پنهنجا کوڙ او منٺڙا،
منهن لـ اسان کان موڙ.

چند گهڙين جي چاهت کهڙي، سات لباهيو توڙ او منٺڙا،
منهن لـ اسان کان موڙ.

قيد قيامت تائين کري چڏ، وارن منجهه وکوڙ او منٺڙا،
منهن لـ اسان کان موڙ.

منزل دور لـ آهي سائي، پيارا پاڻ پتوڙ او منٺڙا،
منهن لـ اسان کان موڙ.

گيت سريلا چيڙ تـ جهومان، خاموشيءَ کي ٽوڙ او منٺڙا،
منهن لـ اسان کان موڙ.

بي قربن سان قرب کمائي، پائي کين ولوڙ او منٺڙا،
منهن لـ اسان کان موڙ.

دور وڇڻ جا ڏڪڻا ڏينهن، جذبن کي لـ جهجوڙ او منٺڙا،
منهن لـ اسان کان موڙ.

قرب کڙي 'مختار' سان او منٺڙا، جيون پر لئي جوڙ او منٺڙا،
منهن لـ اسان کان موڙ.

مشاهد منگي

## غزل

هٿن ۾ حوصلو ڪونهي،
رڳن ۾ ولولو ڪونهي.

جفائون جام تو وٽ ڀر — وفائن جو صلو ڪونهي.
فصل سارو سڙي ويو آ، ۽ ثابت ڪو سلو ڪونهي.
حياتي آهه هڏڪين ۾، ۽ ساهن سلسلو ڪونهي
اڄڻ اوڄڻ ويو وسري، ڪڇڻ جو ڪو ڪُلو ڪونهي.
سريرن ۾ رڳي سردي، اندر ۾ ڪو آلو ڪونهي.
'مشاهد'، مات ٿي ساري! ٽرن ۾ ٽرٽلو ڪونهي!

سميع لنڊ

## غزل

پاڻ وڏي ٿي هينئڙي هير،
هوائن اچي هيٺن هر هر ڪير.

روز ڏئي آواز ٿي مون کي، تنهنجي خوشبو سانجهه سوير.
پٿر هڻو ڪيڏا ۽ اوهين پر، پيار ڇڏي ڪيئن ٿا هي پير.
سُرت ۾ رهجانءِ هاڻ سڄي تون، ڏاڍ نه ڪن جيئن توسان ڏير.
پاڻ ٿي گهرائي پاڻ وٽ مون کي، هاڻ ڇو ايڏي لاتئي دير.
تنهنجي مون سان لاتي جو سُنهن، تو بن 'سميع' جو ناهي ڪير.

Gul Hayat Institute

حيدر شاهه

## نظم

ڪنهري سمنڊ سان سچا موتي، پيو سدائين ڳولي پيو.
پنهنجو مَنُ ڀاڳل آ ڪيڏو، جيڪو پاڻ کي رولي پيو.
ڪوڙن ماڻهن جي بستيءَ ۾، سچ سدائين ٻولي پيو.
تڏهن ته هردم پراڻو ٽانڊو، آهي پنهنجي چولي پيو.

سيد ساڪن شاهه رضوي

## ياد وري ڪو آيو آ

وقت لنگهڻ ڦا پور پون ٿا دم دم سور سوايو آ،
ڇم ڇم برسي ليڪ ٻيا اڄ ياد وري ڪو آيو آ.

برکا رُت جا وسندا بادل روح ٻہ گهايل من ٻہ وياڪل،
درد وڌي ويا لُڙڪن ساڳي منهنجو پالڊ پُسايو آ.

نيل گگن تي ٽمڪن تارا دل جا آرا سُڏڪن سارا،
ماڪ ڦڻا گل هوا تي جهومن زخمن تيئن تڙپايو ا.

دل جي وادي صحرا سارو هاڻي ويچارو ماهه ڏڪارو،
خزان رسيده ٻيلي ٻن جيئن جيون هي ڪومايو آ.

چُپ چُپ آ خاموش فضا ۽ دل ۾ آهٿا آڌما ڙي،
چارڻ ٻنجي اڄ ڪنهن شايد چوڪو چنگ وڄايو آ.

سُڏڪا سُڏڪا سندو ڪنارا سمجهي ويڙس يار ڏسي،
جان ڏئي ڪنهن لهرن تي ڪو گيت وفا جو ڳايو آ.

اڇن وڇن آڪاش تي جيڪي آڏندا بادل يادن جيئن،
سرد اتر جي تيز هوا تيئن چاڪن کي ٻہ چڪايو آ.

سورن ۾ ڏس آهي اضافو وقت لنگهڻ سان وڌ کان وڌ،
انهي ڪري تان منهنجي سوچن پنهنجو رُخ بدلايو آ.

’رضوي‘ رت سان ليڪا پائي نقش چٽيون ٿا ڪاغذ تي،
آه پيامِ سحر جنهين کي ساڻهن شعر بڻايو آ.

## شاهہ زمان شير

# غزل

نہ آهہ ياد ڪو لطف و ڪرم مليو آهي،
سدائين دل کي محبت جو غم مليو آهي.

خوشي تہ دل سان ڪا ڀُلجي بہ همڪنار نہ ٿي،
غمن کي دل ۾ سدائين جنم مليو آهي.

نہ آرزوءِ محبت جي ٿي سگهي تڪميل،
نہ حسرتن کي ڪڏهن ڪو ڀرم مليو آهي.

وري وري ڏٺا محبت جو داستان ڇيڙيون،
لکي ڏنو ڄڻڪ ازل کان هي ڪم مليو آهي.

ڪڏهن بہ هاڻ ڪو سهڻن جو شڪوو ڪونہ ڪيو،
سدا خموش رهڻ جو قسم مليو آهي.

ڇڻن ٿي مرڪ ۽ چشمن ۾ هئي لوڏ بهار،
الهي حسين کان ستم تي ستم مليو آهي.

جڏهن ٿي ڪاتبِ تقدير لکيو لفظ "وصال"،
اتي ئي خشڪ قضا جو قلم مليو آهي.

وفا جي راهہ ۾ هروقت آزمايو اٿوَ!
اوهان کي "شير" تہ ثابت قدم مليو آهي!

## "فياض" بلوچ

# غزل

هٿ ۾ هٿ ڏئي ڇڏائبو ناهي،
يا تہ ڪنهن جو سڏائبو ناهي.

دل جي تڙپي ٿي دلاسن ۾، روح اهڙو، رلائبو ناهي!
پنهنجي محفل، پَري مان، پنهنجن کي، هٿ سان زوري، ڪڍائبو ناهي!
دل تي گهٽورن جا گهاءُ گهرا ڏئي، پاڻ پنهنجو، ڇڏائبو ناهي!
يار پنهنجي، بنا، ڇَري دل کي، ائين تہ خالي هلائبو ناهي!
حسن وارا، پيار جو ڀاسو، سختين ۾ جلائبو ناهي!
عشق "فياض" سچ جو ساٿي، عشق کان منهن، مٽائبو ناهي!

## پيرل "پرديسي" سيتائي

### نظم

مان مقصد ڪنهن جي جو آهيان،
مان ڇا آهيان، مان ڇو آهيان.

(۱)

مان آهيان ٻڌڻ ۾ ڀانئيندو،
مان آهيان لوڪ لڪائيندو،
مان لفظ ۾ ڪُڇندو ڪو آهيان،
مان ڇا آهيان، مان ڇو آهيان.

(۲)

هيٺ هرڪو سون کي ڦيلهي ٿو،
هيٺ هرڪو سون سان کيڏي ٿو،
مان چڻ ڪو والديڪو آهيان،
مان ڇا آهيان، مان ڇو آهيان.

(۳)

مان پوءِ ۾ سوچان ويٺو ٿو،
مان پوءِ ۾ لوچان ويٺو ٿو،
مان ڇريو جهڙو ڇڙو آهيان،
مان ڇا آهيان، مان ڇو آهيان.

(۴)

مان ڪنهن لاءِ گيت ٺاهيان ٿو،
مان ڪنهن کي ميت ٺاهيان ٿو،
مان ڪنهن جي ٻوليان ٻيو آهيان،
مان ڇا آهيان، مان ڇو آهيان.

(۵)

هيٺ ڪوبه نه مون کي ڀانئيندو،
هيٺ ڪوبه نه مون کي ڳائيندو،
مان ڪنهن لاءِ آخر سڙو آهيان،
مان ڇا آهيان، مان ڇو آهيان.

(۶)

هيٺ "پيرل" سور سمائيندي،
هيٺ پلپل پور پچائيندي،
مان ڇا مان ڇا ٿي ويو آهيان،
مان ڇا آهيان، مان ڇو آهيان.

Gul Hayat Institute

## محمد رمضان ڪمبوهه "زلفي"

### غزل

نہ ايندو ڪو وفا ۾ فرق ھي منهنجي وفا آھي،
اڃا ٻي تون ڀلي ڪر ٿيو رهيل جيڪا جفا آھي.

ڪيا تو قهر مون تي ۽ جبر ساري عمر سهڻا،
اڃا ٻي ڪرڻي توکي مون سان دلبر ڪا دغا آھي.

سنڌ ۾ بيدرد اکڙين اڄ هنيا ڪي تير لوڏيلا،
ويو ٿي جسم زخمي هي سنڌ ڪهڙي ادا آھي.

محبت ۾ ڏئي سر سرخرو آھي ٿيڻ مشڪل،
ٻنان سر ڏيڻ الفت ۾ وري ڪهڙي بقا آھي.

ڪيان مان ديد دلبر جي وري ٿيان اڄ مان ديوانو،
چوان هڪدم ڏسي رُخ کي هي ڪهڙو مهہ لقا آھي.

رکان الفت مان سيني ۾ ڪريان سُهڻن تان مان قربان،
اھو ئي شرف 'زلفي' کي محبت ۾ روا آھي.

## شمس صابر

### نظم

ڪنهن کي پنهنجو پالئي وينئين؟
ڪنهن سان اکڙيون لڳائي وينئين؟؟

دلڙي ليث ڦرائي وينئين!

ٻاٻ لڪر جا ٻاپي ساٿو!
ٻاگل الڳ اڙائي وينئين؟

دلڙي ليث ڦرائي وينئين!

آشائن جا ديپ اڏورا،
جوڀن ۾ تہ جلائي وينئين؟

دلڙي نيث ڦرائي وينئين!

جهول تنهنجي ۾ ساوا ڳاڙها،
ڪنڊن جا گل ڪنوائي وينئين؟

دلڙي ليث ڦرائي وينئين!

ٻهروپي سنسار ۾ 'صابر'،
پنهنجو ٻاڻ وڃائي وينئين؟

دلڙي ليث ڦرائي وينئين!

Gul Hayat Institute

## ٻخشڻ مهراڻوي

### آزاد نظم

تون ساگر ھجين،
مان دريا ٻنجي،
تو وٽ ڇيھہ ڪيان.
ليڪن ٻہ تنھنجي ويھي،
سارو ڏيھہ ٻسان.
توکي – توکان کسيان!
توتي سنڌر گيت لکان.
تنھنجا سيپي سور ڪٺان.
خوشيون، پنھنجون،
توکي ارپيان.
ٻ، او! بس!!
منھنجي دليا جي سوري سونھن.
تنھنجي جھولي منجھہ سمان!!

## الطاف حسين آگرو

### آزاد نظم

تون ۽ مان،
سالن کان وٺي،
ھڪ ٻئي جي اکين سامھون،
ائين بيٺا آھيون،
جيئن ڪي ٻہ وڻ.
سڀ ڪجھہ ڄاڻندي، محسوس ڪندي،
ٻہ وڻن وانگي،
ساڪت ۽ بي حس.

## نواز سومرو

### وائي

ٺوريءَ پيارا ٻنھل جبل ٻہ،
جھوريءَ جيءُ جھوري،
منھنجو ڏيل ڏري.
ٻنڌ ٻراھون آھي ڏاڍو،
دل تي داڻھن ڪري،
منھنجو ڏيل ڏري.
محبن سان ٺٺي ڪو ميلو،
شل ڪو واءُ وري،
منھنجو ڏيل ڏري.
رات ڪُٺيءَ جو ٻنھل ڪٽي ويا،
ڪيڏا ڪيس ڪري،
منھنجو ڏيل ڏري.



Gul Hayat Institute

## معصوم سانگهڙائي

### غزل

اي سوهڻا حسن تي جفائون او سائين،
توهان کي ته سونهن وفائون او سائين.

ڏني رب پنهنجن کي پنهنجو ڪنهن جي،
اسان جهڙن لئي پوله پون شفائون او سائين.

ازل کان توهان کي ئي ساريون سنڀاريون،
صدين کان اوهان لئه صدائون او سائين.

توهان جي ڪري ئي اسان هت جيئون پيا،
سدا خوش رهو بس دعائون او سائين.

ڏسي پنهنجو 'معصوم' مرڪي ڏيو بس،
ته طاقت سهڻ جي سزائون او سائين.

## مومن مليرائي

●

لڳيون باغ ۾ اڄ بهارون سڄڻ،
ڪيون سين ٿي جنهن جون تياريون سڄڻ.

سدا شال وسندا رهن سي وطن،
ڏسان جت ٿو ڳاڙهيون ۽ ڪاريون سڄڻ.

ڪٿي هر ٿو هاري هلي صبح جو،
وڃيو ناهي پنا ۽ پاريون سڄڻ.

مکڻ کائي ۽ ڪمري سي شوق سان،
وطن دشمن کي پڪاريون سڄڻ.

منهنجي ڳوٺ وارا سڀئي قربدار،
کهڙي قرب جي تن سان گهاريون سڄڻ.

وطن جي محبت ۾ جي ٿا مرن،
سدا سک سان تن کي ٿا ساريون سڄڻ.

اٿئي ڳوٺ وارن سان 'مومن' جو عشق،
ٿا ڳولين پوليون جي پياريون سڄڻ.

# کھاڙيون

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

مون چند ڏانهن ڏٺو، جو خوب چمڪي رهيو هو ۽ يڪايڪ مون کي خيال آيو ته اهو ڪو ضروري ناهي ته خواب، اُن جي ڏسڻ واري سان گڏ فنا ٿي وڃي. ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن ڪو ٻيو نوجوان ڪوشش ڪندو ۽ ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن هو ڪامياب ٿي ويندو. هڪ ڏينهن اهڙو ايندو، جڏهن ماڻهو جهڙو نوجوان تارن کي ڇهي ايندو.

جهد و بقا جي واٽ ۾ فنا ٿيندڙ ماڻهو، ٻين لاءِ نشان راهه ڇڏي آهي، جتان هن جهڙا ٻيا باهمت هلندا، انساني نسل جي قافلي کي ڪاميابيءَ جي توڙ تائين وٺي ويندا!

وڏا طالع تن جا، جي ماڻهو منجهه مٺا!



ميرزادي ڳالهه ٻڌي سرانچي ويٺي ۽ ريهه ڪري وڃي پٽ تي ڪِري. ڪمدار ڪمون وڏي اچي ڪيس ڪنيو. ڪيس مڏ ڪيا، چوريو ڦوريو ۽ اٿلايو، پر سندس هٿ پير ٺري ويا. سندس اکيون اڃا به قاسم لاءِ کليون پيون هيون. پوڙهي طاهر چيو: ”اِها! شيءِ وڃي ڌڻين کي پهتي.“

آچو ۽ جامان اڃا تائين جيئرا آهن. آچو اولاد جي وڇوڙي ۾ روئي روئي انڌو ٿي ويو آهي ۽ جامان چري ٿي پئي آهي. هوءَ اڃان به روزاني ڪس تي قاسم ۽ ميرزاديءَ جو اوسيئڙو ڪندا آهن.



Gul Hayat Institute

مقالا

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

هن ڪان پوءِ واري غزل ۾ حضرت آشڪار واضح لفظن ۾ اهو ٻڌائي ٿو تہ منهنجي جان ۾ عطار ڪان هڪار پهتي، ان جو اهو اثر ٿيو جو مون ۾ رڳو عشق وڃي رهيو. نيشاپور جيڪو خواجہ عطار جو شهر آهي سو سارو عشق واري درد سان ڀريل آهي. ان جي دروازي ۽ ڀتين مان عشق محبت جي واڌاري جو نعرو لڳي رهيو آهي. مولانا جلال الدين رومي يا جامي جهڙا عاشق سڀ خواجہ فريدالدين عطار جا خادم آهن. اهڙي خواجہ عطار بابت تعريف مون منهنجي پير ۽ مرشد خواجہ عبدالحق ڪان ٻڌي.

ابيات هي آهن:

اي دلا خوشبو ز شہ عطار درجانم رسيد،
آنز مان يڪبارگي از ڪفردين مارا ڪشيد،
شهر نيشاپور پر درد است گرپرسي زما،
از در و ديوار آيد نعره- هل من مزيد،
چہ جلال الدين چہ جامي غاشہ بردار او،
اين چنين تعريف ما از پير عبدالحق شنيد،
حق موجود سدا موجود.

--(سچل نيشنل سيمينار ۾ پڙهيل)

Gul Hayat Institute




Gul Hayat Institute



اسماعيل شاهہ بخاريءَ جو مقبرو.



ميان ٻڍي درس جو مقبرو.

Gurmani Institute



شير بيگ جي مزار جو ڪتبو.



سلطان مقيم جي نياڻيءَ جي مزار جو ڪتبو.



مرزا مغل بيگ جي مزار جو ڪتبو.



امير شاهه قاسم خان زمان جي مزار جو ڪتبو.



چبوتري واريون مزارون



زناني قبرستان جو دروازو. پس منظر ۾ بخاري سيدن جو گورستان
نظر اچي رهيو آهي.



ميون ونهين جي مزار جو تعويذ



بخاري سيدن جو کورستان

GM Institute



ميون ونهين واري جامع مسجد



ميون ونهين درويش جو مقبرو

Gul Hayat Institute

اسان جي حڪومت هن ڏس ۾ ڪافي ڪم ڪيو آهي. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ اسلاميات جو مضمون لازمي قرار ڏنو ويو آهي ته جيئن ائينده جا ابا اسلامي تعليمات کان روشناس ٿي قوم ۽ ملت ۽ ملڪ جي بي لوث خدمت ڪن. اسان جي دين مذهب اسلام ۾ هر مسلمان تي لازم آهي ته حقوق الله، حقوق العباد ۽ حقوق النفس جو ڀرپور مطالعو ڪن ۽ پنهنجي زندگي اسلامي ۽ صرف اسلامي طور طريقن تي گذارين. اسلام زندگي جي هر پهلو تي روشني وڌي آهي ۽ عمل ڪرڻ سان انسان هڪ سٺو شهر واسي، سٺو پاڙيسري، سٺو پاڪستاني ۽ سچو مسلمان بنجي سگهي ٿو. اسان جو مذهب انسان کي هر برائي ۽ شيطاني شرارتن کان روڪي ٿو. قراني تعليمات مسلمانن جي دلين کي نور سان نوازي ٿي ۽ سندن قلب کي آجاري ۽ اڇو ڪري ٿي.

آمين -- ثم آمين.



Gul Hayat Institute

مراد علي مرزا

# ريڊيو ڊراما

ريڊيو جي ايجاد ٻهرين وڏي لڙائيءَ کان پوءِ ترت ئي ٿي. مقصد هيءُ هو تہ ماڻهن کي ملڪي توڙي غيرملڪي حالتن کان ترت آگاهہ ڪجي، پر ساڳئي وقت ماڻهن جي وندر ۽ تعليم جو بہ خيال رکيو ويو، تنهنڪري ريڊيو جي ذريعي ڪيترائي پروگرام نشر ٿيڻ لڳا، جن ۾ موسيقي، ڊرامن ۽ خبرن جي پروگرامن کي خاص اهميت حاصل ٿي، جو اهي وندر ۽ معلومات جا اهم وسيلا هئا. پهريون ريڊيو ڊرامو (اصلوڪو) هڪ انگريز ڊراما نويس Richard Hughes (رچرڊ هيوز) لکيو، جنهن جو عنوان هو Danger (خطرو). اهو ڊرامو برٽش براڊڪاسٽنگ ڪارپوريشن (B.B.C) لنڊن تان ۱۵- جنوري سال ۱۹۲۴ع تي نشر ٿيو. اهو فقط ۱۵ منٽن جو ڊرامو هو، جنهن ۾ پڌايو ويو هو تہ ڪوئلن جي هڪ کاڻ ۾ ڇيت ڪرڻ سبب ڪي پورهيت اندر ڦاسي پون ٿا، پر پنهنجي همت ۽ ڪوشش ڪري سلامتيءَ سان ٻاهر نڪري اچن ٿا. ان کان اڳ تجربي خاطر شيڪسپيئر جو ڊرامو (Twelfth Night) ۲۸- مئي ۱۹۲۳ع تي بي- بي- سي تان نشر ڪيو ويو هو. اهڙيءَ طرح ريڊيو ڊرامن جي شروعات ٿي.

برصغير ۾ ريڊيو سال ۱۹۳۵ع ۾ قائم ٿيو ۽ دهليءَ مان نشريات جو سلسلو شروع ٿيو. پوءِ سنہ ۱۹۳۹ع ۾ ٻين وڏن شهرن جهڙوڪ لاهور، پشاور، لکنؤ، بمبئي، مدراس، ڪلڪتہ ۽ ڍاڪا ۾ بہ ريڊيو اسٽيشنون قائم ٿيون. ان زماني ۾ انهن اسٽيشنن تان انگريزي ۽ اردوءَ ۾ ڊراما نشر ٿيندا هئا. عشرت رحماني پنهنجي ڪتاب "اردو ڈراما کا ارتقا" ۾ ان دور جي ريڊيو ڊرامن بابت لکي ٿو تہ "ريڊيو ڊرامي جي تڪميل جا ڪيترائي دور آيا. پهريون دور ۱۹۳۵ع کان ۱۹۳۹ع تائين هو، ۽ ٻيو دور ۱۹۳۹ع کان ۱۹۴۲ع تائين هو. انهن ستن ورهين ۾ ريڊيو ڊرامي جي اصولن ۽ ٽيڪنيڪي ضرورتن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ان کان پوءِ ڊراما نويسن کي نشرياتي ٽيڪنيڪ ۽ مائڪرو فون جي ضرورتن جي ٿوري گهڻي ڄاڻ ٿي، ۽ ان مطابق هو ريڊيو جي لاءِ ڊراما لکڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهيا. فني خيالن کان ريڊيو ڊرامي جي تڪميل ۾ ايڏي عرصي لڳڻ جو سبب صرف هيءُ هو تہ ان وقت ريڊيو ڊراما انهن ڊراما نويسن لکيا، جن جو اسٽيج ڊرامن سان واسطو رهيو هو. ريڊيو ڊرامي لکڻ وقت بہ هنن جي ذهن ۾ اسٽيج ڊرامي جو تصور هوندو هو. هنن جي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ اسٽيج ڊرامي ۽

ختم ٿين ٿا، اهي وڏيڪ ڪامياب سمجهيا ويا آهن، ڇاڪاڻ جو اهڙن ڊرامن جو اثر گهڻي وقت تائين ٻڌندڙن جي ذهن تي قائم رهي ٿو.

سنڌيءَ ۾ ريڊيو ڊرامن جي شروعات تقريباً سن ١٩٥٠ع ۾ ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تان ٿي هئي. ۽ پهريون سنڌي ناٽڪ جيڪو ريڊيو تان نشر ٿيو هو، ان جو عنوان هو ”ٽي پارٽي“. اهو ننڍڙو ناٽڪ سن ١٩٤٢ع ۾ اردوءَ جي مشهور شاعر ۽ اديب پروفيسر ايم ڊي. تاثير سنڌيءَ مان ترجمو ڪري آل انڊيا ريڊيو دهليءَ تان نشر ڪيو. ساڳئي وقت اهو ناٽڪ ان وقت جي ٻين اسٽيشنن تان به نشر ٿيو هو. ”ٽي پارٽي“ جو مصنف پروفيسر منگهارام ملڪاڻي هو(١). ”ٽي پارٽي“ پروفيسر ملڪاڻيءَ سن ١٩٣٥ع ۾ لکيو هو ۽ شاهاڻي هاءِ اسڪول جي ساليانې جلسي جي موقعي تي فريئر هال ڪراچيءَ ۾ ڊيکاريو ويو هو. ان ۾ ٿورا ڪردار، تيز مڪالما ۽ Quick Actoin آهن، جيڪي خوبيون ريڊيو ڊرامي لاءِ تمام ضروري سمجهيون وڃن ٿيون. پروفيسر ملڪاڻيءَ پنهنجن ڊرامن بابت ”پنگتي پردا“ جي مهاڳ ۾ لکيو آهي ته، ”جهوني زماني جا افسانا جن ۾ جنگ ۽ عشق جي بازار گرم هوندي هئي ۽ ملڪ ۾ کير ۽ ماکيءَ جون نديون پيون وهنديون هيون، سي اڄ ناٽڪ ۾ آڻجن ته ناممڪن پيا لڳن. اسان جي گهرو، پنگتي ۽ قومي جيوت آوڻاين سان تمتار آهي. اجوڪن ناٽڪن ۾ انهن آوڻاين کان سواءِ رهي نٿو سگهجي.“(٢) ’ٽي پارٽي‘ ۾ به اهڙيءَ هڪ گهرو جيوت تي سيٽ (Satire) ڪيل آهي.

ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تان جن اديبن جا لکيل ڊراما نشر ٿيا هئا، اهي هئا: امام بخش نياز، حبيب الله فڪري، عبدالڪريم شاد، خديجه چاڳلا ۽ عبداللطيف عباسي. حبيب الله فڪري ۽ خديجه چاڳلا معروف عوامي داستانن جهڙوڪ عمر ماروي، مومل راڻو، نوري ڄام تماچي وغيره کي ريڊيو ڊرامن جو روپ ڏنو. عبدالڪريم شاد وري پنهنجن ڊرامن لاءِ واقعا اسلامي تاريخ مان ورتا. البت امام بخش نياز ۽ عبداللطيف عباسي پنهنجي وقت جي سماجي ۽ معاشرتي مسئلن تي ڊراما لکيا. افسوس جي اهي ڊراما نه ڪٿي ڇپيا ۽ نه وري انهن جا مسودا موجود آهن، تنهنڪري انهن جي فني ۽ ادبي خوبين جي جنڇپاڻ ڪرڻ ممڪن ڪونهي.

Gul Hayat Institute

هڪ وضاحت ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو: اها هيءَ ته ريڊيو لاءِ سنڌي ڊراما پهرين جن اديبن لکيا هئا، تن جو سنڌي ادب ۾ حصو آٽي ۾ لوڻ برابر به ڪونهي. نتيجي ۾ سنڌي ريڊيو ڊرامي جي شروعات ڪمزور بنيادن تي ٿي، جنهن جا اڪرا نتيجا ڪيترن ورهين تائين نڪرندا رهيا. سنڌي ريڊيو ڊرامي جي پٺ ۾ آل انڊيا ريڊيو جي شروعاتي ڏينهن ۾ اردو

---

(١) سنڌي نثر جي تاريخ - مصنف پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، ص ٢٠٧

(٢) جيون ڇهڇٽا - مصنف پروفيسر منگهارام ملڪاڻي ص ٩٧.

جي چولڻ تي جيڪا محنت ڪئي آهي، سا وري ورلي ڪو ڪندو. ريڊيو ڊرامي جي پيشڪش گڏيل ڪوشش يعني Team work جو نتيجو آهي. ڊرامہ نويس، پروڊيوسر، صداڪار، صوتي اثرات ڏيندڙ، رڪارڊنگ انجنيئر جي گڏيل ۽ لاڳيتي ڪوشش سان ئي هڪ بهترين ڊرامو پيش ڪري سگهجي ٿو.

ٿورو زمانو اڳ ريڊيو ڊرامي جو اوج هوندو هو. ماڻهو وڏي شوق سان ڊراما ٻڌندا هئا ۽ پروڊيوسر، ڊرامہ نويس وغيره بہ وڏي اُتساھ سان ڏينهن جا ڏينهن محنت ڪري ڊراما تيار ڪندا هئا. پر هاڻي ٽي.وي جو زمانو آهي. جيئن فلم جي اچڻ ڪان پوءِ اسٽيج ڊرامي جو اوج ٽُٽي ويو هو، تيئن ٽي.وي جي ڪري ريڊيو ڊراما پٺتي پوندا وڃن. هاڻي آهستي آهستي ريڊيو ڊرامو ماڻهن ڪان وسرندو وڃي، تنهنڪري پڻ پاسي بہ چاھ ۽ اُتساھ گهٽبو وڃي. شايد اهو وقت تمام ويجهو پيو اچي، جڏهن ريڊيو ڊرامن ۽ انهن جون ڳالهيون رڳو ڪتابن ۾ لکيل هونديون.



Gul Hayat Institute

مان غمِ دوران جو قائل، تون غمِ جانان سندو،
منهنجي دل ۾ ڪجهه ٻا آهي درد انسان کان سوا.

هن دور جا شاعر سماجي ناانصافين، مزدور ۽ هارين جي ڏتڙيل حالت کي هنن لفظن ۾ بيان ڪن ٿا.

ڪنهن کي آهي ڪٿو ته ڪنهن کي خرار،
فرق پروردگار ڇو آهي.
— عبدالحليم جوش

هر عيش ۽ آرام اميرن کي ميسر،
محروم سدا محنتي محنت جي ثمر کان.
واسينگ وڏيرن جو ٿيو ڪٽڪ لي قابض،
هاري جا ٻچا رد جوئر کان ۽ مٽر کان.
— گدائي

هرهڪ ڏينهن تاڪيا، ناهي ٿي هر سيل،
الگ آکهاڙا، جن نه ڏٺا سي آڏانا ڇو.

هن دور جي غزل چوندڙ شاعرن ڏاڍن جي ڏهڪاءُ، سياسي ۽ سماجي بي انصافين جي خلاف صاف لفظن ۾ انقلاب جون ڳالهيون ڪيون آهن.

ائون جڳ سوٽي سکهنو ناهي،
هي جڳ جو بہ ڇڏيندو ڏاهي.
— تنوير عباسي

اي مظلوم روحو مبارڪ هجي،
اڄها ڇاڻ ٻهالي فضائي دهر.
— شمشير الحيدري

فقط نوري همت ۽ محڪم ارادو،
نظام تشدد ۾ آڻيندو ڦيرو.
— گدائي

هي دور نئين فڪر جو دور آهي. اڄ جو شاعر نه روحانيت جي رازن سمجهڻ ۽ سمجهائڻ بجاءِ پنهنجي ڀٽ جي مسئلن جي بوٺواري جي فڪر ۾ مبتلا آهي، تنهنڪري هو تصوف کي صفا ترڪ ڪري چڪو آهي. هن دور جو شاعر پنهنجي ڪلام ۾ تصوف بجاءِ زندگي ۽ ڀٽ

جي مسئلن کي وڏيڪ جاءِ ڏني ٿو. هو خدا جو ذڪر ڪري ٿو، مگر سماجي لاانصافين سبب ڪجهه شڪوه ۽ شڪايت جي انداز ۾ شيخ عبدالحليم جوش چوي ٿو:

ٿيو جوش ڌرتيءَ تي دوزخ جو منظر،
اڃا ماٺ هوندو، خدا ڪيستائين.
-- جوش

استاد بخاري چوي ٿو:

ٻڌڻ جي ٿون ٻـ ٿو چئين يارب،
ٻيو آخر خدا ڪٿان آڻيان.

[سنڌي ساهت سال ڪانفرنس، ڪراچي، ڊسمبر ١٩٨١ع ۾ پڙهيل.]



ڪجهه دوران هيوسانگ کي ٦٢٨ع کان ٦٣٠ع تائين ٽي سال لڳي ويا. ان کان پوءِ هن اوڀر طرف پنهنجو سفر شروع ڪيو ۽ ٻڌ مذهب جي پوتر شهرن گايا (پٽنا ويجهو) ۽ بنارس ۾ تيرٿ ۽ زيارت ڪيائين ٦٣١ع ۾ هي نالندا خانقاهه (ڍاڪي وڏي ۾ وڏي ديول) ۾ داخل ٿيو، جتي ٻڌ مذهب جي هڪ مشهور عالم سلا ڀدرا وٽ پڙهيو.

برصغير ۾ پهچڻ کان پوءِ هيوسانگ جتي جتي به ويو اتي جي عام ماڻهن، عالمن، مذهبي پيشوائن، اميرن ۽ بادشاهن سندس گرمجوشيءَ سان آڌرڀاءُ ڪيو. نالندا جي رهاڪن جڏهن هيوسانگ جي آمد جو ٻڌو ته انهن اڳ ۾ ئي سندس آڌرڀاءُ ڪرڻ جون تياريون ڪيون ۽ هن آڏو استقبال لاءِ پنهنجا ماڻهو موڪليائون. ان وقت نالندا ۾ ڏهه هزار شاگرد ٻڌمت جي تعليم ۽ ٻين ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۾ رڌل هئا. هيوسانگ به اتي انهيءَ تعليم ۾ شهه حاصل ڪرڻ کي جنبي ويو. نالندا ۾ پنج سال ابياس ڪرڻ کان پوءِ هيوسانگ اوڀر ڏکڻ ۽ اولهه برصغير کي گهمڻ شروع ڪيو ۽ هر اهم جاءِ ڏٺائين ۽ هر مشهور عالم ۽ استاد سان ملاقاتون ڪيائين. پاڻ سفر ڪندي اوڀر ۾ ڪاماريا (هاڻوڪي آسام) ڏکڻ ۾ دراوڊار (مدراس) ۽ اولهه ڏاهن لانگهلا (هاڻوڪي بلوچستان جو ڏکڻ اوڀر) تائين هر هنڌ ويو. هر هر هنڌ پنهنجي من پسند جايون ڏٺائين، جن جو تعلق ٻڌ مذهب سان هو.

هيوسانگ انهيءَ سفر دوران سنڌ ۾ به آيو. هيوسانگ پاڻ سنڌ جي سفر بابت لکي ٿو ته ”... گجرات کان اتر طرف خوفائتي رڻ پٽ ۽ خطرناڪ لڪن مان لنگهي اٽڪل ١٩٠٠ لي (٩٨٤ ميل) پنڌ ڪري اسان سنڌ پهتاسين. سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ پي شين-پو-پولو(١) (P‘i-Shen-p’o-pu-Lo) آهي. هتي جي زمين اناج پيدا ڪرڻ لاءِ موزون آهي ۽ هتي ڪڻڪ، جوئر ۽ ٻاجهري تمام گهڻي ٿئي ٿي. هتي سون، چاندي ۽ ڪوير تمام گهڻو آهي. ڍڳين، رڍن، اٺن، خچرن ۽ ٻين جانورن لاءِ هتي چارو جام آهي. هتي جا اٺ هڪ ٿوهي وارا ٿين ٿا ۽ هتي سنڌ ۾ سينڌي لوڻ جا وڏا ذخيرا آهن. ان کان سواءِ اڇو لوڻ، ڪارو لوڻ ۽ جابلو لوڻ به جام آهي. مختلف جاين تي اهو لوڻ دوائن ۾ به استعمال ڪيو وڃي ٿو. ماڻهن جو سڀاءُ سخت ۽ ڀورالو آهي، پر اهي آهن ايماندار ۽ سنوان سڌا. پاڻ ۾ ڪوله ٿين. پڙهن ٿا، پر بنا مقصد جي. ٻڌمت جا پوئلڳ آهن. هتي ڏهه هزار پڪشو ٽڙيل پکڙيل آهن. انهن ٻڌن مان ڪيترا سچ جا پوڄائو سالڪ ويران جاين، جبلن ۽ ٻيلن ۾ دنيا کي تياڳ ڪيو اڪيلا پيا رهن ۽ ارهت واري منزل ماڻڻ جي آس ۾ پيا رات ڏينهن جاڳن. هتي جو بادشاهه سودرا (Shu-to-Lo) ذات جو آهي(٢) ۽ نهايت ايماندار ۽ مخلص آهي ۽ ٻڌ مذهب کي مان ڏيندڙ آهي.“

هيوسانگ سنڌ جي سفر بابت اڳتي لکي ٿو ته ”جڏهن گوتم ٻڌ پاڻ هن سنسار ۾ جيئرو هو، تڏهن سنڌ ۾ آيو هو(٣)، انڪري راجا اشوڪ جتي جتي به گوتم ٻڌ جي رهڻ جا نشان لڌا، اتي استوپا نهرائي ڇڏيا اٿس. مها ارهت اپاگپتا (Upagupta) به هن ملڪ (سنڌ)

(3) Beal, Samuel. Travels of Hiuen Tsang, Vols 4. Calcutta. Susil Gupta, 1859.

(4) Beal, Samuel. (Tr) The life of Hiuen Tsang. London: 1911.

(5) Beul, Samuel. (Tr) Chinese accounts of India, Vols 4, Calcutta. Susil Gupta, private limited, 1958.

(6) Conze, Edward, Budhist Meditation, London: Unwin books, Ruskin house, 1972.

(7) Hastings, james (ed) Encyclopaedia of Religion and ethics, Great Britain: Morrison and Gibb Limited, 1954.

(8) Lambirck, H.T. Sind: A general introduction Hyderabad: Sindhi Adabi Board, 1975.

(9) Lambrick, H.T. Sind: before Muslim Conquest, Hyderabad: Sindhi Adabi Board, 1973.

(10) Watters, T. On Yuan Chwangs travel in India, London: 1904-1905.

(11) Wilson, H.H. Travels of Hieun Tsang, London: Royal Asiatic Society 1859-60.

**سنڌي ڪتاب:**

(١) پرشاد، دوارڪا روچيرام شرما، ”پراچين سنڌ ۽ سيتا جو نظارو“ حيدرآباد.

(٢) پرشاد، دوارڪا روچيرام شرما، ”سنڌ جو پراچين اتهاس“ (پاڳو ٻيون) حيدرآباد: اليڪٽرڪ پرنٽنگ ورڪس.



Gul Hayat Institute



ڊاڪٽر انيمري شمل سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس ۾ علمي ڪم جو
معائنو ڪيو. ان موقعي تي پاڻ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب
۽ جناب غلام رباني سان گڏ فارسي زبان ۾ مخدوم نوح رحه
واري قرآن ڪريم جي ترجمي کي ملاحظه ڪري رهي آهي.

Gul Hayat Institute



سنڌي ادبي بورڊ طرفان ۲۹- آڪٽوبر ۱۹۸۲ع تي منعقد ڪيل تقريب ۾، ڊاڪٽر انيمري شمل،
علامه غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ جناب غلام رباني سامعين کي خطاب ڪري رهيا آهن.

Gul Hayat Institute

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” أداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ٻاڙي، ڪاٺُو، ٻاجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

Gul Hayat Institute

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ کا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمل مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

Gul Hayat Institute

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي ڄَڱَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَّ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

---

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين



Gul Hayat Institute

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙھندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽڙ گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَــنَ پَــنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

Gul Hayat Institute




۲۸- آگسٽ ۱۹۸۲ع تي، ليفٽيننٽ جنرل ايس. ايم. عباسي، گورنر سنڌ، ڪراچيءَ ۾ "سنڌ آرڪائيوز" جي عمارت جي پيڙهه جو پٿر رکيو. ان موقعي تي جسٽس سيد غوث علي شاهه، وزير تعليم، ثقافت، رانديون ۽ قانون، حڪومت سنڌ ۽ ٻيا مهمان، گورنر صاحب سان گڏ، دعا گهُري رهيا آهن.